


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رت آئي ڳاڙهن پيرن جي

(شاعري)

شيخ اياز

ترتيب:

غلام مصطفيٰ سولنگي



سنڌ راڻي پبليڪيشن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو	:	رُت آئي ڳاڑهن ٻيرن جي
شاعري	:	شيخ اياز
موضوع	:	شاعري
ترتيب	:	غلام مصطفيٰ سولنگي
نگراني	:	حميد سنڌي
ڇاپو ٻيون	:	ڊسمبر 2019ع
تعداد	:	هڪ هزار
ڪمپوزنگ/ٽائيٽل	:	شاهزيب ميمڻ
ڪيليگرافي	:	اويس پٽو
ڇپائيندڙ	:	سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد

03013492704

قيمت: 150 روپيا

شيخ اياز جي شاعريءَ جو هي ڳنڍڪو "رُت آئي ڳاڑهن ٻيرن جي" آگسٽ 1968ع واري "روح رهاڻ" ۾ شايع ٿيو. جنهن کي پڙهندڙن لاءِ ٻيهر شايع ڪيو پيو وڃي.

RUT AAI GARHAN BERAN JEE

(Poetry)

By: Shaikh Ayaz

Sindh Rani Publication Hyderabad.

ڪتاب ملڻ جا هنڌ:

پٽائي ڪتاب گهر حيدرآباد. فڪشن هائوس حيدرآباد. ڪويتا ڪتاب گهر حيدرآباد. ادبي بورڊ بوڪ اسٽال تلڪ چاڑهي حيدرآباد. قليچ ڪتاب گهر سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد. ڪنگ پن بوڪ هائوس پريس ڪلب حيدرآباد. ڪاميد بوڪ اسٽال جامشورو. رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو مهراڻ ڪتاب گهر لاڙڪاڻو. وسيم ڪتاب گهر شڪارپور. سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر. تهذيب بڪ اسٽور خيرپور ميرس. ٽر ڪتاب گهر مٺي. سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد. بلوچ ڪتاب گهر قاسم آباد حيدرآباد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اداري پاران

شيخ اياز نه صرف سنڌي ٻوليءَ جو مقبول ترين شاعر آهي پر هو هڪ بهترين قانوندان ۽ هيوءِ وڪالت هڪ اهڙو پيشو آهي، جنهن ۾ ماڻهوءَ کي تمام گهٽ وقت ملندو آهي، ڇاڪاڻ ته کيس پنهنجي شعبي ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ تمام گهڻا بلڪ قانون جا سيئي ڪتاب پڙهڻا پوندا آهن، تنهن هوندي ۽ شيخ اياز جو سنڌي ٻولي، سنڌي قوم ۽ سنڌي شاعريءَ سان ايترو لڳاءُ هيو جو هن پنهنجي شعبي ۾ ۽ هڪ ڪامياب وڪيل طور پاڻ مجرا يو ۽ تمام گهڻي مصروفيت هوندي ۽ هن شاعريءَ کي ٽائيم ڏنو ۽ مٿس ڏات مهربان هجڻ ڪري هر موضوع تي شاعري ڪري پاڻ مجرا يو.

شيخ اياز سنڌي ادبي سنگت جي بانيڪارن مان هيو. جڏهن گوبند مالهي اپريل 1946ع ۾ ڪراچيءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت جو بنياد وڌو ته شيخ اياز ۽ ڀاري لال چاڙيا سنگت جا پهريان جوائنٽ سيڪريٽري چونڊيا ويا. شيخ اياز شڪارپور ضلعي ۾ ۽ سنگت کي منظم ڪيو، ڇاڪاڻ ته شڪارپور سندس جنم ڀومي شهر آهي ۽ هن چاهيو پئي ته سنڌي ٻولي ادب ۽ شاعريءَ جا سلا شڪارپور مان ۽ ڦٽندا رهن، انهيءَ ڪري هن سنڌ سنگت کي شڪارپور ۾ ۽ فعال رکڻ لاءِ ڪوششون ورتيون، مطلب ته شيخ اياز جو سنڌي ٻولي، ادب ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ جيترو ڪنٽريبيوشن آهي، ان کي ڪير به فراموش نٿو ڪري سگهي. هن وقت تائين شيخ اياز جا ڪيترائي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن ۽ ايا ڇپجي رهيا آهن پر انهن ڪتابن جي وڪري ۾ ڪا به گهٽتائي نه آئي آهن، سندس ڪتابن جا ڪيترا ئي ڇاپا مختلف ادارن طرفان شايع ٿيا آهن پر اهي وڏا ۽ جامع هجڻ ڪري ڳري قيمت جا آهن، جن کي شاگرد يا بيروزگار نوجوان خريد ڪري نٿا سگهن، پوءِ نوجوان لائبريرين ۾ وڃي اهي ڪتاب پڙهي پنهنجي ادبي اُڃ اجهائين ٿا.

ان ڪري اسان سوچيو ته شيخ اياز جا شروعاتي دور وارا آيل ننڍا ننڍا ڪتابچا ٻيهر شايع ڪري شاگردن لاءِ سهولت پيدا ڪيون، جيئن اهي ڪتابچا خريد ڪري پڙهي سگهن.

انهيءَ ڪري هي ڪتاب "رُت آئي گاڙهن هيرن جي" محترم حميد سنڌي جي ٿورن سان سنڌس رسالي روح رهاڻ مان ڪڍي، ٻيهر شايع ڪري رهيا آهيون ته معقول معاوضي تي نوجوان ۽ شاگرد وٽي پڙهي سگهن.

غلام مصطفيٰ سولنگي
سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد
03013492704

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيخ اياز ۽ روح رهاڻ

ڳچيءَ ڳانا لوهہ جا زيريون ۾ زنجير،
پيڪڙا پيرن ۾ ڪوٽين اندر ڪِيرَ،
چاري چؤگانن ۾، واهيت ڪن وزير،
جن نہ ڄڄي آهيان، اهڙيءَ ست سرير،
مارو جام مليرا! پڄج ڪِي پنهوار ڪي.

يادگيرين جا ورق اُٽلائيندي، شاهہ سائينءَ جو هيءُ شعر هنيانءُ تي تري آيو اٿم. لڳيم ائين ٿو تہ اڳ بہ ائين هو، اڄ بہ ائين آهي، سُياڻ بہ اِئين رهي، جو مَنُ اندر جيڪا پيڙا آهي، ۽۾ اندیشا آهن، اِئين جو اِئين رهيا. پُل هيٺان پاڻي وهندو پئي رهيو آهي، اڄ بہ وهندو رهي ٿو. من ۾ اِئين ئي يادگيريون وهڪرا ناهي ڪٽي ڏينڊون، ڪٽي ڏورا، ڪٽي دُڀا تہ ڪٽ وري بنهہ خشڪ پونا...! يادگيرين جي وهڪري سان هلڻ ۾ جياپو آهي ۽ اُن جيئڻ ۾ ڪنهن ويل مري بہ وڃجي ٿو، تہ اُهي صدين جا پل وري پل ۾ گذري وڃن ٿا.

گهٽن ڏينهن ڪانپوءِ مَن ۾ اٽل ڏٽل هئي، ڪيئي همسفر، همر ڪاب، همدم، همغم ۽ڏائڻ موڪلائڻ بنا ائين وقت جي وهڪرن ۾ لُڙهي ويا، جو پتو ئي نہ پيو. اشفاق لاءِ لکيل يادگيرين جي سفر مان هڪ بہ ورق اُٽلايا ئي مس هيا تہ ڪئين ورق وري ويا. ايياز قادري ويو تہ وريو ڪونہ. پراڻي همسفر هئڻ ناتي بہ اڪر لکڻ لاءِ سوچيم پئي تہ ڊاڪٽر دُر شهوار الله توهار ڪئي! سائين جي ايم سيد سان پراڻو ناتو۔سائين امير حيدر شاهہ ۽ سائين امداد محمد شاهہ هميشہ جڙ اندر ۾ ويٺا هجن. اصل ٻاڻ لڳي ويو! ڪير اُهي ورق ورائي؟ جيئري هيءُ جهان ڇڏي في الحال موڪلائي وڃجي، پوءِ جڏهن ڪو ڪنهن پَل ڪي قياس پوي، جو جيئرو موتائي ونئي اچي.

ڪاتي تان نہ ڪنهين، مَن وِجهلڻ وڏيو،
ماريس سو تَنهين، جو نَو جِڻاري جَيڏيون!

جڏهن جو خبر پيم تہ شيخ اياز بہ هلڻ هاري ڪئي آهي ۽ سفر اُسهيو آهي تہ پانيم تہ وقت بيهي ويو آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُنـي جـئـن مـورَن، اوپـر ولـهـارن جـئـن،
سـا پـر گـونـدر ڪـن، جُـه ڦـوڙائـو سـجـٽـيـن.

شيخ ايار سان ڪي ورهين جا ورهيه گهاريل هئا. ساٽس سنگ سفر سندس شعر ۾ لڪٽين وسيلي هو. فتاح، رشيد پٽي، علي بخش، تنوير وارن ته ساٽس گهٽو گڏ گذاريو هو. سندن ڳالهيون ٻڌي ٻڌي مان به ائين سمجهندو هيس ته جڙ سندس ميخاني مان مڌ جا پيالا پي هاڻ وريو آهيان. ايار سان دوستيءَ جي هام آئون نٿو هٽي سگهان، جو آئون سندس همعصر به نه هيس. بقول رشيد پٽي جي ته "حميد چاڪ چگو ٻلو هو، ڪيس اِها لوٽي واري لپات ڪيئن لڳي؟ خبر ڪانه ٿي پئي."

مرحوم رشيد پٽيءَ کي شايد ٻڌائڻ وسري ويو هجيم ته اهي چوڪڙيون، پنجڪڙيون ناهي، ادبي ڪاڪ محل سجائي، مولن جا هوڪا ڏئي، اسان جهڙن ڪيترن ئي راڻن کي ريجهائي، ڏاڇيءَ چاڙهي، اهڙي طلسم ۾ ڦاسايو هيو جو اڄ تائين اُن طلسم جي اثر هيٺ آهيون ۽ زماني ۾ سرگردان آهيون. سچ ۽ حق کي طاقت سمجهي پنهنجي ڪچڙن ذهنن سان باطل قوتن سان به ٽڪرائجي وياسين. اُن وقت صورتحال ائين ٿي هئي:

سگهه ڏي اهڙي سچ، منهنجي جڪڙيل جيءَ کي،
ڳچي ٽئي ڳچ، ته به چوان جو چوٽو هجي.

محمد ابراهيم جويي، ايار قادري، رشيد پٽي، جمال ابڙي، سوپي گيانچنداڻي، غلام رباني آگري، عبدالغفور انصاري، نورالدين سرڪي، حفيظ شيخ جو سڄي سنڌ ۾ غوغاءِ هجي! ترقي پسند ادب جو جهنڊو ڪٽي جهولايو هئائون. ادبي سنگت نڪري نروار ٿي هئي. ٽماهي "مهراڻ" جاري ٿي چڪو هو. مون اڃان مئٽرڪ به پاس ڪانه ڪئي هئي. بس لوٽي واري لپات لڳي وئي. سنڌ اندر ادب ۾ هوليءَ جو چؤپول زور وٺندو ويو. ون يونٽ جي قهري قانونن اسان جي ذهنن ۾ اُهي ٻو پولا آٽي چڏيا هئا، جو اسان جي چوياري جن دوستن سان حيدرآباد ۾ هئي، تن ۾نهن ٻنڌي هاري چڏي. سنڌي شاگرد الڳ تحرڪ ۾ هئا. ڏينهن رات سنڌ جي سورن، سنڌي هولي تي بندشن جو ذڪر، ادبي انقلاب جي ايندڙ طوفان جا سعيا، سپ ڪنن پئي سُٽيا. نوشهري جي سيئين ميمٽن جي خاندان جو لاڏڪوڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان پاليل چشم و چراغ! والد صاحب وڏي سرڪاري عهدي تي هيو، پر اسان ۾ ڪٽي الفي پاتي! عزيزن قريبن کي ڏنڊين آڳريون هيون. والد صاحب کي چيائون ته هن چرئي کي روڪيو، هيءَ ته ڪورٽ جو راهي ٿو ڏسجي، ڪٽي ڪو پنهنجي لاءِ ممٽ نه ٻاري ڇڏي. والد صاحب (مرحوم سيٺ اسماعيل) سياڻو ماڻهو هو. هُن زماني ۾ ڪئين جنوني ڏٺا هيا، ڪنهن ۾ هنڊ رستو نه روڪيائين. اُن وقت اديبن جو لڏو ويچارن ۾ واندن جو لڏو هو. وڏن اديبن جو نالو وڏو هيو، پر چوڪرات، جهڙا لوفر لڙا ليکبا هيا. گهٽو ٽٽو رومانٽڪ خيال، پر هيل هنن چوڪراٽن سنڌ سان ۾ ڪٽي رومانس وڏو. ڇٽ ڪنهن من موهٽي اپسرا من ۾ موهه وجهي پئي ڇڪيو. اسان کي اِها خبر نه هئي ته وطن ۾ مٽيءَ سان رومانس ۾ عشق ڪرڻ وارا سوريءَ سزا وار ٿيندا آهن. سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ڇٽ ٻاهه تي گاسليٽ وڏو. وڏڙن اديبن ۾ دانشورن حيدر بخش جتوئي، غلام محمد گرامي، محمد ابراهيم جويي، جمال ابڙي، محمد عثمان ڏيپلائي، حفيظ قريشي سان ملو ته ائين پئي لڳو ته وس پڇين ته ڪتاب پڙهائڻ ۾ پرائڻ ٻهاني گهاٽي ۾ ڏاند وانگيان جوتي ڇڏين. ٻيا اسان چوڪراٽن کان ڪجهه وڏڙا اديب غلام رباني، رشيد پٽي، جمال رند، منصور، شمشير، ناصر مورائي، خواجه سليم پارا ملن ته چقمق جيان چڪين ۾ ونيو ادبي وعظ ٻُڌرائين. هاڻ ڪهاڻيون ٻيا لکون. 'سيمي' ڇپيو ته ڇٽ پير ڏرتي تي نه هيا. ائين ڪٽي "زندگي پبليڪيشن" ناهي سين. ڪڏهن جمال ابڙي، غلام رباني ۾ ناصر مورائيءَ جا ڪتاب ٻيا ڇپجن، ته ڪڏهن ادبي تحريڪن ۾ ورڪر ٽي ٻيا هلون. پٺفليٽ ٻيا ورهايون، تقريرون ٻيا ٻڌون ته ڪڏهن ڳالهائڻ جو وارو مليو وڃي ته اُٻ ڏري پئي ويو. جيجي بيگم زينت چنا جو ادبي حيثيت سان وڏو نانءُ هو. ماهوار "مارئي" پئي ڪڍيائين. معاون ٽي اڏ ايڊيٽري سڪيم. سنڌ يونيورسٽيءَ جو نوجوان شاگرد پڙهڻ ۾ هوشيار، پر دل ئي نه لڳي. ائين "روح رهاڻ" رسالو نڪتو. ڪيئن هٿ وڌم ۾ ڪيئن وڪ وڌايم، اڄ معجزو پيو پانيان! خالي هٿ، بنا پائي پيسي، همڙو ڪم ڪيئن ٿيو؟ اجان به ويچار اِهي اٿم ته "مون کي مون پرين پڌي وڏو پار ۾!" يارن جو زور ۾ بيگم زينت چنا ۾ محترم عبدالله چنا جي رهبري پهريون پرچو، اپريل 1960ع ۾ نڪتو. اِجهو سامهون شروعات ۾ شيخ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اياز جا بيت آهن. اجا به لوٽي واري لپات نه لڳندي؟

سدا آهي ساهه کي، ڳيي جي ڳولا،
ڏؤ بنا ڏولا ناهي ساجهه سونهن کي.

رتي ناهي رت، ڇؤرون مڙيون جندڙي،
ساٿي اُٺ سُتت، ساڙيون هن سماج کي.

اُن وقت به سماج جي هيٺ مٿانهينءَ ۾ زماني جي گرمين ۾ سردين جي مزاج کان اڪاڻ هيءَ مسافر تک تيز ۾ هليو پئي.

اياز جو گيت، جون واري پرچي ۾ ڇپيو ته من ۾ هورا کورا وڌي ويئي.

پري پرينءَ جي لوءِ،
الا، اولوءِ ووءِ ڙي ووءِ!
سُري پٽڻ تي آئي سانجهي پڳهه نه آيا پار
ايندا نيٺ ته منهنجي من جا مانجهي اي منجهدار
آياجي نه ته پوءِ، الا، او پوءِ، ووءِ ڙي ووءِ!

شيخ اياز جو هيءُ گيت مون لاءِ شايد اشارو هو ته واقعي پرينءَ جي لوءِ پري آهي! پر اُنهيءَ ئي پرچي ۾ شمشير جو غزل هو ته:

اسين حال هيٺا، اوهان جي خُدائي- وڏي ڳالهه آهي!
هلي پئي اجا زندگيءَ جي لڙائي – وڏي ڳالهه آهي!
انڌيرن ۾ پَلجي پئي روشنائي – وڏي ڳالهه آهي!
اجان وقت کي پيئي ڳولي سچائي – وڏي ڳالهه آهي!

ان سچائيءَ کي ڳولڻ لاءِ ڪجهه سر ڪريا نوجوان، سنڌ جي پراڻن مسئلن، سنڌي هوليءَ ۾ ادب جي واڌاري کي سچائيءَ ڏانهن هڪ رستو ۽ وسيلو سمجهي گهر گهاٽ ڇڏي اڳتي نڪري آيا هيا.

"روح رهاڻ" مالي مسئلن جو شڪار ٿيو ته ڳوٺ سڏار ڪاتي ۾ نوڪري ڪرڻي پئي. ڪجهه وقت قصو هليو، پر والد صاحب جي حڪم تي نوڪري ڇڏيم جو پڙهڻو هيو. صفا گهر به نه ڇڏڻو هيو. سيڪڙا پڪي ڪي اباڻي گهر شام جو ته وڃڻو ئي وڃڻو هيو. ڪو پنهنجو آڪيرو ته هوئي ڪونه نوڪريءَ ۾ هجڻ ڪري دوست جمال رند کي "روح رهاڻ" حوالي ڪيم. اُن وقت "روح رهاڻ" جو رُخ پر کي نه پيو سگهجي. اُن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن عورتن جو حصو ته ڪڏهن هارن جو حصو، ڪڏهن وري فلمي تصويرون ڏيڻيون پيون. جمال رند اُن ۾ تبديلي آڻي. سائيز گهٽائي، ڪجهه نوان موضوع- شڪاريات، سياحت، وغيره وڌا، جن جو ماهوار رسالن ۾ هجڻ ضروري ته سمجهيو ويندو هو پر پرچي جو منهن مهانڊو بنهه ڦري ويو. نيٺ نوڪري ڇڏي پهتس ۽ ڪتابي سائيز ۾ "افسانا نمبر" ڪڍيم. جنهن وڏاري چوپول پيدا ڪيو. ائين پريس جا نوان قانون آيا ۽ سيني جا ڊڪليئريشن رد ڪيا ويا. "روح رهاڻ"، "مارئي"، "انسان" ۽ ٻيا ڪيترائي رسالا، ان سڄي عرصي ۾ ادبي لڏا چرپر ۾ رهيا. پڙهائيءَ جو جيڪو سال هليو ويو هو اُهو بچائڻ لاءِ ايل ايل بي ۾ پئي ڪيم. 1963ع جو اهوئي مارچ جو مهينو هو جو مرحوم رمضان، جيڪو ڊي سي جي آفيس ۾ ڪلارڪ هو. "روح رهاڻ" جو نئون ڊڪليئريشن آڻي ڏنو. 1960ع کان 1963ع تائين اسان جي ڪچڙن ذهنن ۾ گهٽي پُختائي اچي ويئي هئي. سنڌ ۾ "ائنٽي ون يونٽ موومينٽ"، ٻولي ۽ ادب لاءِ هلايل تحريڪن ۾ ڏينهن رات دوست گڏ هيا. اصل ۾ سنڌ ۽ اُن جي ماڻهن کي سجاڳ ڪرڻ جو مسئلو هو. هنن کي خود آگاهي جو عادي بڻائڻو هو. شهرن کان ٻهراڙين تائين جڏهن ويندا هياسين ۽ جلسا ڪندا هئاسين ته محسوس ٿيندو هو ته خلق خدا جي پريشان ته آهي، پر اسان جون ڳالهيون ٻُڌي حيران ٿي ويندي هئي. "روح رهاڻ" انهيءَ ڏس ۾ پهرين ۽ فيصلي جي قوت بخشيندڙ ڪنيل وک هئي.

شيخ اياز اُن معاملي کي هيئن پرکي ورتو، سندس نظم جو عنوان هو "نئون انسان":

هيءَ ميرانجهي سانجهي آيا ڏوڙ – ڏئي جي جهول،
جاڻ ستارا ان مان نڪتا جرڪي سون سمان،
تيسين پنهنجيءَ مشعل ۾ جا آهي لات اڏول،
تنهن تي وات سڄاڻي ويندا واٽهڙو انسان!
ڏينهن ٿيا، ڪنهن شينهن اسان ۾ ناهه ڪئي گجگوڙ،
هيءَ به غنيمت آ ته ڪٽي کو اونائي ٽوڪ،
نيٺ ته بادل وسندا، پوندا مينهن به ماڻهوءَ ٻوڙ،
نيٺ ته وجندي، گجندي، اُٽندي، آنڊي جيئن مخلوق.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس هيءُ نظم آگسٽ 1963ع واري پرچي ۾ ڇپيو. گاله ڪري، پر اسان لاءِ جڙ ته سؤلي. اِجهو ٿا ايباز چواڻي سوپ حاصل ڪريون:

مان جاڻان ٿو، مان جاڻان ٿو، جر آ منهنجي جاڙ،
پڙڪي پڙڪي پنيٽ ٿيندي، جلندو هيءُ جهان،
آخر منهنجي سوپ سنواريا، آخر تنهنجي آڙ،
تون رک هوندين، ڇيون ڇٽيندين ڪوئي نئون انسان.

"روح رهاڻ" جي نئين دور شروع ٿيڻ تائين اسان جي شاعرن (پين صنفن جي ليکڪن جو ذڪر ٻئي موقعي تي) جي دنيا وسيع ٿي ويئي هئي. آبادي ته وڌندڙ هئي پر نئون فڪر، نيون صنفون، نوان چهرا جڙ ته پاڻهي پيا گهڙجن. سنڌ جي ڌرتيءَ پاسو ورايو هيو. سنڌ جو هر ماڻهو ڏاڍ ڏمر کي محسوس ڪري رهيو هو. نوجوان ٿهي هونئن به حساب ٿيندي آهي. شاعرن ڪٽي نئون علامتي وڳو پاتو. سنڌي شاعريءَ ۾ نيون صنفون نوان خيال ۽ نوان موڙ اچي ويا.

تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول،
مون وٽ روپ نه ڪو بهروپ الا،
تنهنجي دنيا سج جا پاڇا،
منهنجي دنيا چنڊ جان گهايل،
مون وٽ روپ نه ڪو بهروپ الا.

(نياز همايوني) سيپٽمبر 1963ع
يا وري سندس "ورلاپ" (آڪٽوبر 1963ع)

اونيئڙا ڙي اونيئڙا منهنجي وندر وئي وڻڪارن ۾،
جهل واڳ ته ڪي واڪا ڪريان، من ڪهل پوي بر وارن ۾.

❊

هر ڪو ماڻهو موتيءَ داڻو،
هر ڪا دل هيرن جي کاڻ،
چاڻي ڏس ته سهي اڙ جاڙ!

(تنوير عباسي) "روح رهاڻ" آڪٽوبر 1963ع
نارائڻ شيام جا دوها ۽ سورنا نومبر 1963ع ۾ ڇپيا:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏان اُسڙي-ڇانوڙي، ڪير پيهيندو جنڊ،
ڪير ٽڦيندو روتلا، هيءَ تارا يا چنڊ.

روشن آئيندو گهرين، پڇ مانڊيءَ جو منڊ،
ونجي ويندو چنڊ نہ تہ ونجي ويندو چنڊ.

اُنهيءَ ساڳئي پرچي ۾ ايياز جو هڪ ننڍڙو نظم ڇپيو:

لڙي ٻپهري، لانديي، ٽانوَ
پنڊيءَ ۾ پار ٿو ڏوڏو
اڏريا هيٺ ڪنڊيءَ تان ڪانوَ
جن سان گڏجي ڪو نينگرڙو
ڪائي ويٺو
ڳٽيءَ ڳٽيءَ سان ڳائي ويٺو.

1963ع وارن پرچن ۾ امداد حسيني جا نظم نئين سماجي فڪر کي ڪنيو ٻينا هيا. اُن سان گڏ شمشير الحيدري، اُستاد بخاري، محسن ڪڪڙائي ۽ ٻيا هڪ نئين سوچ جا اڳواڻ هيا.

هيءَ هڪڙو جديد فڪر هو، جنهن ڳالهہ کي سڀني سمجهيو پئي، جديد ۽ قديم جي جنگ شروع ٿي چڪي هئي. ايياز جو پهريون مضمون "روح رهاڻ" سيپٽمبر 1963ع ۾ "جديد ادب جي اهميت" ڇپيو.

"مون سان گڏ سنڌ جي نئين اُمنگ، نئين فڪر ۽ اُن جي حامين جي جديد چا آهي: قديم چو آهي ۽ جديد چو آهي، ان جو صحيح شعور ۽ شناس وسيع مطالعي ۽ گهري فڪر سان ملي ٿي. قدامت ۽ جدت ۾ قابل قبول چا آهي ۽ انڪار جي قابل چا آهي، ان جي پرک جنهن نظر جي گهرائيءَ ۽ دل جي وسعت جي گهرج آهي، اُها هر ڪنهن جو نصيب نہ آهي. ادب ۾ جديد ۽ قديم جو قصو، ڪم نظريءَ جو دليل بہ آهي ۽ بالغ نظريءَ جو بہ، ڪم نظريءَ جو دليل ان سبب ڪري آهي، جو جديد ڪان جديد ترين شاعر ۽ اديب بہ پنهنجي ماضيءَ کان بلڪل منحرف نٿو ٿي سگهي. بالغ نظريءَ جو دليل ان سبب ڪري آهي، جو هر سچو فنڪار ڪنهن جي بہ نقش قدم تي هلڻ کان پاسو ڪندو آهي ۽ پنهنجي منزل، پنهنجي راهہ پاڻ متعين ڪندو آهي. ازرا پائونڊ جو هڪ عجيب، غريب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظم، جو هن آمريڪا جي بهترين شاعر والٽ وٽمئن متعلق لکيو آهي، هڪ منفرد شاعر جي نفسيات جو صحيح جائزو آهي:

I make a Pact with You, Walt Whitman!
I have detested you long enough,
I come to you as a grown child,
Who hashad a Pig- headed father,
I am old enough now to make friends,
It was you that broke the new wood,
New it is a time for carving,
We have one sep and one root,
Let ghere be commerce between us.

)مان توسان معاهدو ٿو ڪريان، والٽ وٽمئن!
مون توسان ڪافي وقت نفرت ڪئي آهي،
مان تو ڏانهن ائين ٿو اچان، جيئن بلوغت تي پهچي،
اولاد، ڪم فهم پيءُ ڏانهن موٽي ايندو آهي.
هاڻي منهنجي بالغ نظري ايتري آهي، جو تون مان دوست ٿي سگهون،
تو نئون ڪاٽ ڪيو هو، اڄ ان تي نقش طرازيءَ جو وقت آهي:
اسان جي جڙ ۽ گونج ساڳيا آهن،
بهتر آهي ته تنهنجو ۽ منهنجو سمجهوتو ٿئي.)

***

هيءُ "روح رهاڻ" جو نئون پر ابتدائي دور آهي، 1964ع ۾ شيخ ايياز جون لاءِ 1964ع کان وري نظر اچي ٿو. سندس بيتن جو عنوان ئي هو: "سنڌڙي تنهنجي سينڌ ڏسي، رات پٽائي گهوت رُنو."

توکي ساري سنڌڙي، ساري پٽ ڏٽي،
مور نہ ٽيندي مارئي، پي ڪا ماءُ ڇٽي،
تنهنجي پير پٽي، ڏات سموري ڏيهہ جي.

روئي پيئي رت، سڏڪا پري سنڌڙي،
وهہ تي لڳو وات ۾ پينر مون کي پت،
هيءَ پورو پربت، آخر ڪيئن پٽون ٿئي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءُ بيت سندس جوش ۽ جذبي جو اظهار هيا، جاڪاڙ تہ اهو ئي 1964ع آهي، جڏهن شيخ اياز جي مجموعي "پونر پري آڪاس" تي سرڪار بندش وڌي هئي.

مون اُن پرچي ۾ پنهنجي "رهاڙ" (ايڊيٽوريل) ۾ لکيو هو:

"شيخ اياز جو فن زندگيءَ جو علمبردار آهي. سندس قول ۽ سندس مجموعہء ڪلام موجب: هيءُ نہ برگ سبز آهي نہ تحفہء درويش. هيءُ ڪويل جي ڪوڪ آهي، ڏسجي تہ اها رات جي انڌاري ۾ گُم ٿي وڃي ٿي يا وقت جي هانوَ ۾ پڙڇي ٿي لڳي ٿي."

"اسان کي يقين آهي تہ سندس آواز رات جي انڌاري ۾ گم ٿي نہ سگهندو، جاڪاڙ تہ اسان صبح جا روشن سپاهي آهيون. رات جي انڌيرن جي هانوَ ۾ اسان پنهنجي تخليق جون سنگينون هٽي، ڪوڙ جا سپ ڪوٽ ڪيرائي، 'سچ' جي روشني ساڻ ڪٽي صبح کي جنم ڏيندڙ آهيون..."

"حڪومت هڪ طرفو فيصلو ڏيئي، اياز جي مجموعہء ڪلام 'پونر پري آڪاس' تي بندش وجهي، سنڌي ادب جي حق تلفي ڪئي. حڪومت جي ان قدم کي سنڌ توڙي پاڪستان جو ڪو بہ صالح ۽ باشعور فرد سٹي نگاهہ سان نٿو ڏسي، ان مسئلي کي ڪن مفاد پرست شخصن اشتعال انگيزيءَ سان هوا ڏني آهي، جنهن ڪري حڪومت ۽ باشعور فردن جي تعلقات تي غلط اثر پوڻ جو انديشو آهي. اسان جي حڪومت کي پر زور اپيل آهي تہ اياز جي مجموعہء ڪلام 'پونر پري آڪاس' تان بندش هڪدم هٽائي وڃي." (ح-س)

شيخ اياز جي ڪلام ۾ هيءُ سونهن پر ڪيو ۽ ڏسو:

ڏرتي چمڪي، واري اُڏري، رائو، ڏينهن تتو،
هرٽي هونءُ بہ مرٽي، پر جي ماري رڃ رڳو.
جُڳ جُڳ جو جادو آ تنهنجي سانجهي جيسلمير،
تل ترائي تي اڏري جي ڪونج وجهي پاڇو.
پٽ پٽيهر پير اسان جا سامهون ساري ريت،
ڪيڇ اسان سان پيڇ نہ پائي، آ پنيور پلو.

("روح رهاڙ" آڪٽوبر 1964ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيخ اياز نومبر 1964ع واري "روح رهاڻ" ۾ هيئن ٻ لکيو هو:

تون ياد ڪجانءِ!
سنڌ ۾،
منهنجي موت کانپوءِ،
جيڪڏهن،
ٻئي ڪنهن جو شعر،
زندهه رهندو،
تہ اهو ائين اُسرندو،
جيئن ڪمند جي،
هڪ فصل ڪٽ کانپوءِ،
ٻيو فصل
ان جي جڙ مان
خود نسري ايندو آهي.

پر ٿيو ائين تہ سندس جيئري گيتن ۽ نظمن جا ٻج ائين چوڌاري چتجي ويا جو هم فڪر ۽ هم خيال شاعرن جي هڪ وڏي ڪيپ تيار ٿي ويئي. شمشير الحيدري، امداد حسيني، تنوير عباسي، قمر شهباز، استاد بخاري، تاج بلوچ، فتاح ملڪ، سرويچ سجاولي، نعيم دريشاڻي، پروانو پٽي، عبدالڪريم پلي، گدائي، واسديو نرمل، گورڌن پارتي، ارجن حاسد، لچمڻ ڪومل ۽ ٻيا ڪيترا جن سنڌ جي شاعريءَ کي نہ رڳو سنواريو ۽ سينگاريو، پر هڪ فڪر کي عام ڪيو. اِهو سال 1965ع ئي هيو، جڏهن دوستن ۽ ساڻين فيصلو ڪيو تہ هن سال "جشن روح رهاڻ" ملهائجي. مبهم خيال، اشفاق قاضيءَ ڏنو. اُن ۾ رنگ پريندڙ خواجہ سليم، امداد حسيني، شمشير الحيدري، غياث جوٽيجو ۽ ٻيا ساڻي هٿ، پر جن پل پل پٽي ۾ لڏي، اُهي هيا جيجي بيگم زينت چنا ۽ محترم عبدالله چنا.

جشن روح رهاڻ 4 اپريل 1965ع جي موقعي تي اسان "سالنامو" ڪڍيو، ڪئلينڈر ڪڍيو ۽ سووينيئر تيار ڪرايا. سجي سنڌ جا اديب شاعر ۽ سجاڻ سنڌي اچي گڏ ٿيا.

مئي 1965ع ۾ "جشن نمبر" ڪڍيو سين، اُن جي ايڊيٽوريل نوٽ ۾ مون لکيو هو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"... مشاعرو شروع ٿيو. شيخ اياز جنهن لاءِ ڪنهن بزرگ چئي ڏنو تہ پتائيءَ جي چاڙهيل ڪُني، سچل جنهن جو ڏيکڻ لاڻو: اياز انهيءَ ڪني کي کڻي پات ۾ پيرٽيو آهي ۽ مون ٻ چئي ڏنو، 'شيخ اياز اڄ جو سچ سيارڻ جي تاريخ آهي، اياز اڄ جي جذبن ۽ قدرن جو علمبردار آهي.'

شيخ اياز جي صدارتي تقرير حقيقتن ۽ سچ جي اها تکي تلوار هئي، جنهن هٽي انهيءَ ياد پريل آڏَ کي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو. چوڌاري هڪ منڙي روشني ڦهلجي وئي، هڪ هڪ چمرو ٻهکي رهيو هو، هُو هر پڪار ۽ سڏ جو جواب ڏئي رهيا هئا. اياز اسان کي جاڳائي رهيو هو. اياز وقت کي آواز ڏئي رهيو هو، اياز زندگي کي زنده ڪري رهيو هو:

"هيءَ سين نہ ڏيندي چين، اُٿي ڏس ڪوئي آيو آ پيارا."

اياز ڪُلي پيو، سندس هر اکر، اکر کي ٽي پيٽيو، هو اڄ او مهراڻ جنهن جو نہ پَهي، نہ هو پتو. هن جَرَ جي جهاڳ مٽان ديپ جلايو هو، هو چو نہ چوي؟

هيرا تہ ڏسو، ڪنڪر نہ هٽو، ايندو نہ وري هي وڻجارو،
ڪجهہ ڏات ڏسو، پوبان ڪيو، هي شور اجايو آ پيارا.

هن پنهنجي سچ جي هار ۾ اسان زندگي ۾ پيٽل ڪوڙ جي سُري جي جيتن کي جکڙي ڇڏيو، اسان کي غذا ئي هي ٽي ملي. پيام ئي نئون ملیو، اسان لاءِ اميد جزيرو بڻجي پئي. 'آخر هيءَ رات گذرٽي آ، تو چو گهبرايو آ پيارا.'

چوڌاري ايامن کان ستلن جو ميڙ هو. هو اڄ جاڳي پيا هئا، هو هر انهيءَ غيرت جي تير تي ڦٽڪي ٽي اٿيا، جو ڪنهن مسڪين شاعر کان زبان جي ونگ مان نڪري ٽي ويو. ڪير هو جو سچ کي روڪي، ڪير هو جو روايت کي روڪي، ڪير هو جو تاريخ کي روڪي، ڪير هو جو هن اٿاهہ ساگر کي روڪي.

اسين مڙڻ جا ڪينڪي آهيون پلي ڪريو سو ڦند ڪٽي.

اسين پٽڪي پٽڪي اڄ ماڳ پهتاسين. اسان اڄ منزل پاتي هئي، اسان کي سپ ڪجهہ ملي ويو هو. اياز تہ ائين ٻ چئي ڏنو:

هيءُ پريو پنيور جا ڪافي نہ آهي!
اي چري، ڪنهن ڏي وجين ٽي، ڪيڇ ڪاهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر شاعر پنهنجي جذبي ۾ سرشار آيو ٿي ۽ ائين ٿي لڳو، جڙ هن زندگيءَ جو حق ادا ڪري ڇڏيو، جڙ هن سڄ ڇڻي ڏنو. هاڻ پلي ڪير سقراط وارو پيالو سندس لبن تي رکي، هو پي ويندو. مان اياز سان استيج تي ويهي چوڏاري ڦهليل اڌمن جي راند ڏسي رهيو هوس.

اياز جيڪا تقرير "جهول ۾ گُل ۽ هٿ ۾ مشعل" ڪئي هئي، انهيءَ مان ڪجھ ٽُڪرا پيش ڪجن ٿا:

"ڪيتريءَ مدت کان سنڌ ۾ منهنجي فن ۽ فڪر لاءِ محبت جو اظهار ٻه ڪيو ويو آهي ۽ نفرت جو ٻه، مون پنهنجيءَ مخالفت کي اهميت نه ڏني آهي ۽ جنهن لاءِ نه مون کي رغبت آهي ۽ نه فرصت، پر متان خاموشي نيم رضا يا اعتراف سمجهي وڃي، ان ڪري اڄ مان اوهان جي اڳيان سنڌ جي جديد فن ۽ فڪر سان گڏ ان جي ڪيل مخالفت جي باري ۾ ٻه ويچار پيش ڪيان ٿو...

... ادب جو دليل منطقي نه آهي، پر پوءِ ٻه منطق کان وڌيڪ مجائيندڙ آهي. ادب انساني روح کي يڪدم گرفت ۾ آڻي، اُن تي هڪ پائدار تاثر ڇڏي ٿو ۽ انهيءَ تاثر جو عملي زندگيءَ جي تشڪيل ۾ وڏو هٿ آهي. شاعر جي قول ۽ فعل ۾ جيڪڏهن ڪوئي تضاد نه آهي، جنهن لاءِ هر فڪر هڪ عمل جو پيش خيمو آهي، ته هن جي شاعريءَ کي پيغمبريءَ جو درجو ملي ٿو، پر منهنجيءَ نظر ۾ هن جو هر قول هڪ فعل آهي ۽ ان جو نتيجو، جي هن لاءِ نه، ته هن جي قوم لاءِ يا پوريءَ انسانذات لاءِ لازمي طرح عمل آهي. مان ادب جي آدرش تي سوچي انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان ته ادب اديب جي روح جو اظهار آهي ۽ اهو اظهار بنا مقصد جي نه آهي ۽ ادب جي زبان، جا ان جي اظهار جو ذريعو آهي ۽ پوري قوم، جنهن تائين ادب جي رسائيءَ لاءِ انهيءَ اظهار جو سهارو ورتو وڃي ٿو، جڏهن انهن سيني جو وجود، ڪنهن ٻاهرئين يا اندرئين خطري سبب، خاتمي جي قريب نظر اچي ٿو، ٻڏهن ادب جو پنهنجيءَ حفاظت کان وڌيڪ ۽ ان کريٌ لازمي طرح پنهنجيءَ زبان ۽ قوم جي حفاظت کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو مقصد ٿي سگهي ٿو! اهو لازمي نه آهي ته هر وقت ادب جو مقصد سياسي يا سماجي هجي، پر متينءَ حالت ۾، ٻئي ڪنهن مقصد جي گنجائش گهٽ آهي، ادب ۾ سياسي، سماجي مقصد جو اظهار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ادب جي اهميت کي نٽو گهٽائي. ائين صحيح آهي تہ ادب جي پرک اول ادبي آهي ۽ پوءِ سياسي ۽ سماجي، ائين بہ صحيح آهي تہ ادبي تخليق نہ اخباري مراسلو آهي نہ اشتهار، پر پوءِ بہ ادبي تخليق جي سياسي ۽ سماجي افاديت تي مون کي کوئي اعتراض نہ ٿو نظر اچي. جي ادب هر لطيف فن وانگر حسن جي تلاش آهي تہ ان تلاش جي دائري کان سماج ۽ سياست کي ڇو ٻاهر رکيو وڃي؟ آخر هر عظيم سياسي ۽ سماجي ادب ۾ سياست ۽ سماج جو هڪ تصور آهي، جو ان جي خالق جي نظر ۾ تاج محل تي تروري وانگر بکندو آهي. هو ان تصور کي کنهن بہ فطري منظر کان زياده دلکش کري پيش کري سگهي ٿو ۽ پنهنجي جذبي کي ٻيءَ کنهن بہ محبت جي جذبي کان وڌيڪ ٻهکائي ٻهکائي سگهي ٿو. کنهن وقت هن جي ٻوليءَ جي کوڙاڻ هن امرت کي مات ڏيئي سگهي ٿي ۽ هن جي لکٹيءَ جي واڳهہ نک پاڻوليءَ جي هٿ کان وڌيڪ پياري لڳي ٿي. زندگي پٽ جي ڳنڍ بہ آهي، وهہ جو ڳنڍيو بہ آهي. کهڑو باشعور اديب هوندو، جو انهيءَ وهہ جي ڳنڍيءَ کان منهن موڙي ويندو! گيت نہ واريءَ ۾ گُٽ آهي ۽ نہ فقط کَتيءَ جي کانڊ، چکور جو چکوريءَ کان اهو سوال بہ آهي تہ 'اهو ديس ڪٿي آهي، جتي رات نہ آهي...!'

... اسان تي الزا ڏريو ويو آهي تہ اسين ماده پرست آهيون. اسان جو نثر ۽ نظم گواهہ آهي تہ اسان مادي جي فلسفي کي کڏهن بہ آخري حقيقت نہ سمجهيو آهي، جيتوڻيڪ اسان کي مادري زندگيءَ جي بي انتها اهميت ۽ افضليت جو اقرار آهي. کوڙ هئي سماج جو روح بہ کوڙ هيو هوندوآهي، جو اديب زندگيءَ جي ڏاڍ، ڏمر ۽ ڏک کان منهن موڙي، اهو کائڻ ۽ کمبڻو آهي، هو پنهنجي فرار جي باوجود ادب تخليق کري سگهي ٿو، پر هو فقط کوڙي کيمياگر وانگر ڏنگيءَ جي ڏک پيدا کري سگهي ٿو، باقي هن وٽ آهي رڳو تکي جو ٽامون، سرجڻهار جوڻي جنسار سان دل نہ ٻهلائيندو آهي. فراري ادب زندگيءَ جي کاري کرڻ ۾ کوڙ جي کنگري آهي، جنهن ۾ وسوڙا آب حيات تلاش ڪن ٿا. اهڙو کو بہ اديب نہ آهي، جو دلي طرح مادي زندگيءَ کي اهميت نہ ڏيندو هجي، پر مادي زندگيءَ ۾ انقلاب لاءِ کوشش ڪيروءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي راند' ۾ 'سسي نيزي پاند اڇلڻ' هر ڪنهن جي وت ۾ نه آهي.

مون هميشه انفراديت پرستيءَ ۾ فرق ڪيو آهي، انساني زندگي اجتماعي آهي ۽ انفراديت پرستي ان لاءِ مُهلڪ آهي. باقي انفراديت هر عظيم فنڪار لاءِ ايترو ضروري آهي، جيتري گلو لاءِ خوشبو. هر عظيم فنڪار هڪ جوڙڻهار آهي ۽ پنهنجيءَ ڪائنات جو جوڙيندڙ آهي. فن زندگيءَ لاءِ هوندي به، ان کان مٿيرو آهي. فن جي ڪمال ۾ زندگيءَ جي روحانيت جي تڪميل آهي. هر عظيم شاعر جي ست ڏسي يڪدم انهيءَ نتيجي تي پهچجي ٿو ته اها خوشبوءِ فقط هن جي روح جي ٿي سگهي ٿي. مون ڪڏهن به عظيم فن کي ڏسيل راهه يا پيري جو محتاج نه ڏٺو آهي. فن هميشه اڻانگي وات ورتي آهي، جنهن تي اڳ ڪنهن به پڪيءَ جو پاڇو نه پيو آهي. عظيم فن جي منزل ان جي پهرئين قدم تي به شروع ٿئي ٿي ۽ ان جي پوئين قدم تي به رسائيءَ کان دور نظر اچي ٿي. عظيم فن ازل کان ابد تائين هرندڙ شعلو آهي، جنهن تي مشل سڏ پنڌ ڪانپوءِ بدلجندي رهندي آهي. ان کان سوا اها جوت جڏهن نه ڪري سگهندي آهي...

... وقت جي ڪميءَ سبب مان جديد فن ۽ فڪر تي مفصل بحث نٿو ڪيان ۽ آخر ۾ ان ساريءَ سنگت جو احسان مجان ٿو. جنهن مون کي هن مشاعري جي صدارت جو شرف بخشيو آهي ۽ سنڌ جي نئين فڪر ۽ فن جي جرات سان حوصلا افزائي ڪئي آهي. روح رهاڻ رسالو جديد ادب جي اشاعت ۾ اڳرو رهيو آهي ۽ ان جي ارادي، هر مشڪل جي باوجود، جدت پسنديءَ جي حمايت ڪئي آهي، جنهن لاءِ جناب حميد سنڌي ۽ هن جا سنگتي مبارڪباد جا مستحق آهن."

انهيءَ جشن ڪانپوءِ ڏينهن ئي ۾ لڳا، جو انهيءَ مهيني مئي 1965ع ۾ شيخ اياز کي حيدرآباد مان شهر بدر ڪيو ويو، جو پاڻ ڪنهن جلسي ۾ صدارت لاءِ سڏيل هو. حيدرآباد لا ڪاليج ۾ فنڪشن رکيل هو، جنهن کان روڪڻ لاءِ منجهند جو ئي ڪوٽڙيءَ مان ريل رستي پوليس جي پهري ۾ ڪيس سکر روانو ڪيو ويو. اصل ۾ "جشن روح رهاڻ" جي اجتماعي اثر ۽ انقلابي رُخ قدامت پسندن کي پنهنجي هٿ نه چمڪڻ سبب مٿس ڪئين الزام هڻي، شهر بدر ڪيو ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون 1965ع ۾ پرچو ڪيوسين تہ اُن جي تائيتل تي سندس تصوير هئي ۽ رت جي چنڊن سان لکيو ويو هو:

هيرا تہ ڏسو ڪنڪر نہ هٿ، ايندو نہ وري هي وڻجارو،
ڪجھ ڏات ڏسو پو بات ڪيو، هي شور اجايو آ پيارا.

اياز اُنهيءَ پرچي ۾ هڪ بيت وسيلي جڙ پچيو پئي:

ڪڏهن ڪرندي ڪاڪ، ڪڏهن ملندو مينڊرو،
پيچان وڏي واڪ، سڏ بہ ڏي ڪو سنڊ ۾؟

اُن موقعي تي مون پنهنجي ايڊيٽوريل نوٽ ۾ هيئن لکيو هو:

ڪنهن بہ انقلاب کي تيستائين سچو انقلاب نٿو چئي سگهجي، جيستائين اهو انقلاب انسان کي ذهني غلاميءَ کان ذهني آزادي ڏانهن نہ وٺي وڃي. ماضيءَ جو هر دور، حال جو هر وهڪرو، مستقبل جي هر اميد، ذهني انقلاب جي تاريخ ۽ ان جو پورو دستاويز آهي، جنهن کان انڪار ڪرڻ انسان جي ذهن جو ڏيوالو آهي. قدرت جو هيءُ نظام ارتقا جي هر صورت ۾ تشڪيل تي ٻڌل آهي. ارتقا، انسان جي هر عمل جو بدلجندڙ ۽ سُلجهيل روپ آهي، جو انسان جي ذهني شڪل آهي.

اسلام جو خود هڪ بنيادي نظريو اهو آهي تہ خلقٹهار انسان کي آزاد خلقيو آهي پر هن پاڻ کي زنجير وجهي ڇڏيا آهن. انسان جو چوتڪارو انهن ذهني انقلابن ۾ آهي جي وقت بوقت پئي ٿيا آهن ۽ هر انهيءَ سچ، جذبن ۽ قدرن جي علمبردار وقت، وقت مطابق انهن لاڙن جي اڳواڻي پئي ڪئي آهي، جن ڪوڙ کي ڪوڙ ۽ ڏوڙ کي ڏوڙ ۽ جنمن جي سڙيل رک کي رک پئي ثابت ڪيو آهي. انهن علمبردارن هر دور ۾ پراڻن ذهني بخين کي پئي اُڌوڙيو آهي. سندن هر تبديلي ۽ ذهني انقلاب جو پيام، پراڻن مڙهين جي مڙدن لاءِ قاتل ٻڌندو رهيو آهي ۽ پوءِ هو هميشہ انهيءَ زهر کان بچڻ لاءِ هر ترياق کم آڻيندا آهن ۽ آخر ۾ اچي مذهب جو هٿيار ڪٽندا آهن.

اڄ ذهني انقلاب اچي چڪو آهي، نوان لاڙا، نئين رڄ، نئين اُڄ، هر دور تي حاوي آهي، هر اهو ذهن، جو نئين ڳالهہ ڪنيو ٿو اچي، اڄ جي سڄ جو علمبردار آهي ۽ سيان جي هو تاريخ آهي، هن جديد ادب ۽ نون لاڙن جي تحريڪ جو هر فرد پاڻ انقلاب آهي. اڄ جي پراڻين مڙهين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ركوالن مذهبن جي آڙ ورتي آهي يا شيخ اياز تي حيدرآباد ۾ پابندي وجهرائي آهي تہ انهيءَ سان تحريڪ ختم ڪانہ ٿيندي هر نوجوان نئون ذهن ڪنيو پيو اچي، هو لڪير جو فقير نہ آهي، زندگيءَ جي هر حقيقت کي پروڙي ڪوري مان پچي نڪري ٿو. ان تي جيڪا بہ پابندي وجهبي، هو تيئن پڙڪندڙ لات بٽجي پر اٽيون مڙهيون ساڙيندو ۽ وڏندو هلندو.

شيخ اياز تي پابندي ڪا سندس خيال تي پابندي نہ آهي. ثابت ٿي چڪو آهي تہ شيخ اياز تي ڪي سياسي ۽ اليڪشن جا ڪوڙا الزام لڳائي، حڪام اڳيان غلط ٻالهيون پيش ڪري، هڪ طرفو فيصلو ورتو ويو آهي. انهيءَ لاءِ انصاف جو مطالبو ڪجي ٿو ۽ اسان کي خبر آهي ۽ هر روشن خيال فرد جاڻي ٿو تہ هن دور ۾ ڪير بہ ڪنهن جي ذهن ۽ زبان تي بندش وجهي نٿو سگهي. انصاف حق ۽ سچائي انسان جي فطرت آهن، هو جان لڑائي بہ ڪوڙ ثابت ڪندو ۽ جڏهن وقت سندس ساٿ ڏيندو، روشن لات سان هيءَ وات روشن ٿي ويندي، ذهني تبديلي اچي رهندي، تحريڪون هلنديون رهنديون، نوان ساٿي ساٿ ڏيندا رهندا. هر اياز جي شهيد ٿيڻ تي ڪئين نوان اياز پيدا ٿي پوندا. مڙهين جا مڙدا ڪنهن تي بندش وجهرائي ڪنهن تي وجهرائيندا، جب لهو پڪاري گا آستين ڪان.

اياز تي پيل بندش کي هر باشعور طبقي ڏاڍي ناپسنديگي سان ڏني آهي ۽ پائنجي ٿو تہ اهو قدم ڪنهن غلط فهميءَ جو نتيجو هو ۽ انهي ۾ گهٽن شرپسند فردن جو هٿ هو. اسان جو اختياري وارن کي عرض آهي تہ انهيءَ معاملي جي تحقيقات ڪرائين ۽ جن فردن انهيءَ ۾ حصو ورتو آهي، انهن کي ڪڙي سزا ڏين، جن وڪالت جي پيشي ۾ شاگردن جي نالي کي استعمال ڪري ان تي هميشہ جي لاءِ ڪارا داغ لڳائي ڇڏيا آهن. حڪام کي اها ٻالهہ پڻ واضح ڪرڻ گهرجي تہ بندش جو وڏو سبب ڪهڙو هو؟ جنهن مقامي اخبار غلط سبب ڄاڻائي اياز تي ملحد ۽ ڪافرپڻي جو سرڪاري الزام ڄاڻايو آهي، انهيءَ کي پريس ائڪٽ تحت عبرتناڪ سزا ڏني وڃي، جيئن ان جي هميشہ واري روشن ختم ٿي وڃي. ڇاڪاڻ تہ امن ۾ وگوڙ وجهڻ ۽ بن طبقن درميان منافرت ڦهلائڻ جي پاڙ ئي اها اخبار آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان آخر ۾ شيخ ايياز کان حيدرآباد جي باشعور سنڌي حلقي طرفان معذرت خواهه آهيان، جو اسان هڪ عظيم شاعر جو پورو قدر نه ڪري مهمان نوازي جي روشن روايت کي تاريڪين سان تاراج ڪري ڇڏيو. انشاءالله اسان ڪيس وري جلد ڪوٺائينداسين ۽ سندس شايان شان استقبال ڪري اکين ۾ جاءِ ڏينداسين ۽ هو ائين چئي اسان جي وچ ۾ رهندو:

مان ايندس، مان ايندس، تو وٽ سپني سان ساڻ،
آڳ اکين ۾، راڳ چپن تي، آهه منهنجو اهجاڻ.
(حميد)

هيءُ احوال اٽڪورو آهي ۽ 1965ع تائين يادگيرين جي حوالي سان آهي، حياتي رهي ته "اياز" جي انقلابي شعر ۽ وک وک تي هن سجاڳ شخصيت جو احوال "روح رهاڻ" جي حوالي سان جلد لکي "مهراڻ" جي حوالي ڪبو.

شيخ اياز ويندو رهيو پر سندس روح کي چين مليو ته اسان کٽيو.

هيءَ سين نه ڏينديِ چين، آٽي ڏس ڪوئي آيو آ پيارا،
هيءُ شايد ساڳو رمتو آ، آڳ جيئن اُجايو آ پيارا.
جنهن وقت جراغ شام ٻري ۽ ميخاني ۾ جام ٻري،
تنهن وقت اسان جي پنڌ پري، پنهنجو به پرايو آ پيارا.
جنهن وقت اسان جي تند تپي ۽ ساز ٽپي آواز جهپي،
تنهن وقت پلي ڪو ڪنڌ ڪپي، جو آيو ڳايو آ پيارا.
(جشن روح رهاڻ 1965ع ۾ پڙهيو ويو.)

ڪورو آهه ڪڏهن کان پيارا، آءُ اُمايون دِلوا! هُو،
ماڻهوءَ جو ايمان ٽيو آ رب مان ڪيڏو دِلوا! هُو،
جڙ سارو ويران لڳي ٿو روحانيت ڳلوا! هُو،
آ اڳ جئن ويساهه پلو، اڄ تنهن جو ڪيون پِلوا! هُو.
(شيخ اياز)

حميد سنڌي
حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

پَلي آس تر مان نہ آ ٿوهرن،
پتائي! ڏسين تو وڃون ٿيون ورن؟

اُتر ڏانهن ٻکرال ٻهکا ڪيا،
ڪري ونگ اگم اجهو ٿا وسن!

پون ٿا نوان ڳنڍ ڳنڍيرم،
پٽن تي وري ڪر ڪنيا ڪونيٽن.

جهلن ٿا پيا جيءَ جا جهولٽا،
چُلن ٿا، مٽاهان چمر ٿا چُلن!

بنا ٻوڙ وسندیون ٻکر ٻوس تي،
گهٽي وقت کان ٿيون گهٽائون گڙن.

سوين ڪيت تنهنجا، سوين ماروئون،
نہ زيريون نہ زنجير جن کي جهلن!

ٻگائون ڪڙا ڪوڙ جي ڪوٽ جا،
پليا ڪونہ پيرن مٽان پيڪڙن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻہ ٽي ڏينهن واهيت ڪندا هي وزير،
نہ چؤگان رهندا، نہ چاري مٽن.

ڏنئہ سڌ اهڙي، سوين سيکڑو،
مٽن تي مِڙي ويا، پيو پيا پئن.

ڪٽي چنگ چارڻ اُچارڻ لڳا،
اُهي ٻول، ڪلهہ ٻڙڪ ٻاقي نہ جن.

سوين سڌ تن جا پڙاڏا هزار،
اُيي کان لمي گيت تا گونججن.

ڏنو ڏيهہ آ ڏُرت. ڏاو ڏُکار،
ڪرين ماڙ ڪائي تہ مُوذي مرن!

سجو ڏيهہ ڏاتا ڪري جي اُيا،
لکين عيد جا چنڊ اُپري پون!

نہ جهانگي جهن ڪنهن ٻہ جهوريءَ هتي،
نہ سانگي ڪنهين کي ٻہ سُنگي ڏين!

ڪٽيريون مٽيريون چپر ڪٽ تي،
ڏئي حال احوال، ڦاٽا سين!

وهن ائٽ، ٻهڙا ڪٽي ٻائڙيون،
آسُر ويل نوڙي گهرن ۾ گهرن!

سدا مامتا جي رکين لاج تون،
سدا چٽنگ ٻارين وساٽل چُلهن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ مارنگ تن جا اُجھاميل ڏسان،
نہ آونگ تن جا آپوگا لڳن!

ڳيي لاءِ ڳولا ڪُتي ديس جي،
نہ لولا لُڇائن، نہ لوليون لُڇن!

نہ پورهيت ٻڌن پيٽ کي هُڻن پٽيون،
نہ هاري ڪڏهن رت سان ريج ڪن!

جڏهن رات ٽئي، ننڊ جي گود ۾،
سڄو وقت مارو ستابا سُمهن!

سدا هير تن جو هندورو ٽئي،
سدا امن آزادگيءَ ۾ اُٽن!

ڪڏهن سنڌ جي سينڌ ميري نہ ٽئي،
ڪڏهن موڙ تنهن جا نہ مُرجهائجن!

وسي پٽ تنهنجي پلارا سدا،
پلي ديس پرديس سارا وسن!

اسان سنڌ وارن ازل کان "اياز"،
ڪنهين لاءِ مَندي سمائي نہ من.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

هتي لوءَ جي ڪانـ پوندءِ لڪا،
اڏي ويهـ منهنجي ٻدر ۾ ٻڪا!

وري سار دل تي تري آئي آ،
وڏاسين اوهان لئـ اکين جا اکا.

اُکيرون اُکيرون ڪٽيريون تـ ڏس!
اڙي ڏيهـ، تنهنجا اجايا ڏکا!

هلو، پٽ پاسي وسايون وکيون،
ڏناسين، ڏناسين، ولهن جا وکا!

"اياز" اڄ ڪراچي ڏني ڏينهن ٽيا،
ڏسي ڪير ايڏا مئيءَ تي مکا!

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ٽئي شال ڪوئي ڀُليءَ جو ڀلو ڙي،
وري پٽ پاسي هلو ڙي، هلو ڙي!

رڳو هانو جو ڏيِ، سو ڪيستائين؟
نہ ڪا آهہ پيٽي، نہ ڪو پر جهلو ڙي!

سجو سور آهيان، پلا ڪئن نہ ڄاڻيان!
اجا ڳيچ ڳايان؟ گُهٽين ٿو گلو ڙي!

ڏسان شال ٻيهر اُني جون اُڏارون،
ڏنو بُٽ منهنجي ولر ڪي ولو ڙي!

اسان جون انهن سان اکين جون اُميريون،
پهي! ڪيئن آندءِ پرين جو چلو ڙي!

"اياز" اڄ پيا ياد ورهين وڇوڙيل،
اکين جي اڳيان ڪو تلي ٿو تلو ڙي!

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

سکي! پيا کي ملين ته ڇڄجانءِ چاندني تو سوا نه ٿيندي،
اچين ته منهنجيءَ اماس ۾ آءُ، چو ته ٻي رات ڪانه ايندي!

ڪڏهن به تو تي دوار دل جا نه ٻوٽبا، تون ٻلي هلي آ،
ٻه لڙڪ آلا ڪڏهن به هوندا، متان ڇئين آجيان نه ٿيندي!

نه ديپ ڏوهانتجي ڪڏهن هي، لِلات جي لات شال جرکي!
پرهه پري آ، پتو نه آهي ته رات ڪيسين ڏاڪ ڏيندي!

پکي پروڪا اجا نه آيا اُڪير تن جي هُري رهي آ،
اُداس سر تي هوا اُني جي، ڇئي پئي ڪا اُڏار ايندي.

پرار تي ڪا پُڪار آهي مگر اڳيان تک تار آهي،
ڪٽي اسان جي اُڪار آهي، "اياز" ڪيڏانهن ناو نيندي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

هيءَ هُر ڪُر رين بسيرن جي،
ٽي ويندي ساڪ سويرن جي.

جي واڳ ونين ها ڏاڳهن جي،
ڇو ڪاڙ ڪيين ها ڏيرن جي؟

او شال! عقابن سان اٽڪان،
مان واهر ٽي واهيرن جي!

آ رات لڙي، هو اچڻوآ،
تون ڇوڙ نہ پايل پيرن جي.

مون مرڪي پنهنجو پاند ڏنو،
رت آئي ڳاڙن ٻيرن جي!

ميهار ملڻ جي ويلا آ،
ڪر ڳالهه گهڙن ۾ گهيرن جي.

ٽي ساري سنڌ "اياز" نچي،
ڇا ڇم ڇم آندءِ ڇيرن جي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

مان پار تہ ناهيان اي جيجل،
جو چنڊ ڏسان آئينو ۾!

ڪا آرتي آتروئلا آ،
جا گهاو وجهي ٿي سينو ۾.

هو برڪا برڪا اچڻو آ،
پر ڪهڙي ماس مهينو ۾؟

ڪو ساحل ساحل سپنو هان،
مان ساري رات سفينو ۾.

هي ديس پري ٿو نفرت سان،
هي ديس ڪڙهي ٿو ڪينو ۾.

ٿو امرت لاءِ "اياز" ڏسان،
مان پنهنجي خون پسينو ۾.

❑

(سفينو - معنيٰ: ڪشتي، ٻيڙو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن انڊي ديس انڊيري جي،
تون سورين ڳالهه سويري جي!

ڪو ڏوهي گهاٽ تہ ڳولي ڏي،
ٿي اوجر هن من ميري جي.

هوءَ هل هوا مان جهپٽي آ،
مون ڳالهه ڪئي مس ڳيري جي!

ڪجهه وقت ڪڪائين سار هئي،
هن اکڙين جي آکيري جي.

آج وڃ وراکا ڏئي ساڙي،
هر هُر ڪُر هن آهيري جي.

چو جاءِ جوالا تي ڳولي،
اي دل! تو پنهنجي ديري جي؟

تون پَتُ پرين، پر تنهنجي پڳ،
ڇا ڪنڌ هئي ڪانديري جي!

ڇا جر مِ جاڻ "اياز" هئي،
ڪنهن جيءَ جلي جي جيري جي!

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي قوم! ٻڌايا ٿي قصا ڪلهه توکي مون تقديرن جا،
اڄ باغيءَ باغيءَ جي سر تي ٿو تاج ڏسان تعزيرن جا.

ڪو ڪيئن نه ڊوڙي مقتل ڏي، آ رت ۾ خوشبو ميندي ۽ جي!
ڪو ڪيئن نه موتي زندان ڏي، تا زلف ڇڪن زنجيرن جا!

هو ڪوڙا ڪانئر ڪڙڪن ٿا ۽ لاش هوا ۾ لڙڪن ٿا،
پر ڳاڙها جهنڊا ڦڙڪن ٿا، ڇا رنگ ڏئم رهگيرن جا!

اڄ لال لهوءَ جي سرگم تي، ٿي منهنجي ڏرتي رقص ڪري،
منهن هيڊ ٿيا غدارن جا، بي شرم وڏيرن پيرن جا.

هي ماڻهو وهه جو ڊڪ ٿيا، جئن لڪ لڳي تئن رُڪ ٿيا،
اڄ آزاديءَ جي نعري سان سڀ درد ويا دلگيرن جا.

هر دوکي جي ديوار ڊڻي ۽ ان جي سر سر سان نه ملي،
اڄ ڊوڙي هر ڪو ديوانو ٿو ڪولي بند اسيرن جا.

اڄ هر ڪنهن جو هي رايو آ تو نينهن "اياز" نيايو آ،
تو ڳاتا گيت بغاوت جا، تو لاتا رنگ ضميرن جا.

❑

(تعزيز - سزا)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيجل! ڪهڙي ٻيجل آندي هيءَ تنبي جي تان؟
سر جي ست ڏئي ٿو آڇي هرڪو ڏُهرا دان!

منهنجا گيت گُهٽيءِ ٿي ڪائر، هاڻي ڪيئن ڪندين؟
گرجي گونجي هن ڌرتيءَ جي ستر لک زبان!

مِل مان ٿا مزدور اچن يا واڳهه ڪٽن ٿا وک،
چيتي جئن ڪجهه چيي آيا ڪيڙي ڪيت ڪسان.

گونگا ماڻهو، ٻوڙا ماڻهو، ماڻهو ٻوٽ ٻڌل،
للڪارون للڪارون ٿي ويا، لڏي ويا ايوان.

گهن گهنن گهن ڌرتي گونجي، جنتا جاڳي اڄ،
ڏنن ڏنن ڏن ڏگ پيا ڪن آزاديءَ اعلان.

جهنين جهنن جهٽڪار اچي ٿي، ٿا زنجير ٽٽن،
ڪنن ڪنن ۾ واجت آيا، روم ريگا زندان.

چنن چنن مان آگ اڏاڻي، پهتا اپ الا،
تنن منن مان جرڪي نڪتا آپي جا اپمان.

پنن پنن ۾ ٻت اچي ٿي پهرين، پوءِ "اياز"،
بنن بنن ڪي ڏونڊاڻن ٿا تيزيءَ سان طوفان.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوڪ گيت

لمڪيان ڙي لو

آءِ اتر هير سان، لمڪيان ڙي لو،
لمڪيان ڙي لو.

ڪنپ ڪنهياتا ڪرن، لمڪيان ڙي لو،
پٽ تتر پار جا،
روز اُتر ڪان اچن، لمڪيان ڙي لو،
پنڌ پري هوءِ ڙي، لمڪيان ڙي لو،
پار پرينءَ لوءِ ڙي، لمڪيان ڙي لو.

تانگهه ڪئي تاو ڙي، لمڪيان ڙي لو،
ڪانگ ڏسي ڪامڻي،
ڪانڌ متان ڪاوڙي، لمڪيان ڙي لو،
ڏور ڪتيءِ ڏينهڙا، لمڪيان ڙي لو،
ڪالهه اُنا مينهڙا، لمڪيان ڙي لو.

ماڪ، پنا ڪانهن ڙي، لمڪيان ڙي لو،
جهومڪيون جوئريون،
آءِ پُٽي ٻانهن ڙي، لمڪيان ڙي لو،
سونهن سياپا پرين، لمڪيان ڙي لو،
نينهن نياپا پرين، لمڪيان ڙي لو.

نيٺ پريان نير سان، لمڪيان ڙي لو،
آءِ اتر هير سان، لمڪيان ڙي لو.

❑

(لمڪيان ڙي لو هڪ ٽري لوڪ گيت آهي، جو پنج ست سرتيون ڏڻ چوندبيندي، نرت سان چوندبون آهن، ان جي لئ ڪجهه جمالي سان ملندي آهي، مون ان جون ستون مفتعلن فاعلن جي وزن تي آڻي، ان ۾ شعري صلاحيت ۽ ان جي ناچ، ڌن ۾ تيزي پيدا ڪئي آهي، گيت جو فطري پس منظر واريائسي تي ڏڻ نه پر جوئر جو ڪيت آهي، لمڪيان لفظ لمڪڻ (لوڏ سان هلڻ، لچڪڻ) مان نڪتو آهي، نرت ۾ چيلهه جي لوڏ ضروري آهي.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سانوڻ-ٽيج

(سانوڻ- ٽيج هڪ ٽري لوڪ گيت آهي، جو ڪنوارين ۽ نؤورنين سانوڻ جي سُهائي پڪ ۽ اونداهي پک جي ٽيج تي گهائيندين آهن، هن گيت ۾ ڪيفيت ٽري لوڪ گيت جي آهي، ترنم منهنجو آهي.)

آئي سانوڻ-ٽيج ڏي،
گج سوين تارڙا، واجهه وجهي وچ ڏي!
چوريءَ نه چج ڏي!
آئي سانوڻ-ٽيج ڏي.

هيڪلڙو هينئڙو، اپ ڪري گاج ڏي!
راڻو نه راج ڏي!
آئي سانوڻ-ٽيج ڏي.

ڏت مٽي مينهڙا، چٽ ڪئي چاڻ ڏي،
تو ريءَ اُساڻ ڏي!
آئي سانوڻ-ٽيج ڏي.

ڏول بنا ڏوڏڙو، ڪيئن لڳي ٻُک ڏي!
توريءَ نه سُک ڏي!
آئي سانوڻ-ٽيج ڏي.

ناڻ ڪري ننڊ ڏي، رت ڪري رات ڏي!
تو ريءَ نه تات ڏي!
آئي سانوڻ-ٽيج ڏي.

پُڄ مٽان بادلو، پيڄ پنيءَ وسجو!
پائر بہ پسجو!
آئي سانوڻ-ٽيج ڏي.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٺيار

(مٺيار يا مٺيارو هڪ ٽري لوڪ گيت آهي، مٺيار لفظ مٺيي مان نڪتو آهي ۽ ڪيريدار مجاريءَ لاءِ ڪم ايندو آهي، جو بولا، بينسر، چوڙا، جھومر، ڪٽمال وغيره وڪڻندو آهي، ۽ سارو سامان اُٺ تي لڏي، ڏهر ڏهر ۾ ڏاهو ڪندو آهي، سنڌي لوڪ گيت دنيا جي لوڪ فن جي بي مثال حاصلات آهي ۽ سنڌي عوام جي اُجري اندر جو آئينو آهي، ٽري مٺياري جي هيٺين ست ٽ منهنجي اندر ۾ اُڪرجي ويئي آهي:

"سنڌڙي ري مارگي، اُڏتي جائي ڪيھ"

(سنڌ جي مارڳ تان ڪھ اُڏامندي ٽي وڃي)

سنڌ جو لوڪ ادب پڙهي، يقين ٿي وڃي ٿو ٽ سنڌي ثقافت هر قيمت ڏيئي، بچائڻ جهڙي شيءَ آهي. مون هن لوڪ گيت ۾ جدت پيدا ڪئي آهي ۽ نہ فقط ان کي موزون ترنم ڏنو آهي پر ان کي علامتي رنگ ۾ ب رڳيو آهي.)

مٺيار آيو، مٺيار ڙي،
مٺيار ڙي!

آيو ڇنن ۾ والا ڪنن ۾،
ڳانا ڳلي ۾ جھونجھار ڙي!
مٺيار ڙي!

موتي لُٽائي جوتي لُٽائي،
ڇا ڇا سجائي سنسار ڙي!
مٺيار ڙي!

ٻانھن ٻڌيءَ جو ويندي لڌيءَ جو،
وريءَ ڇينيءَ جو سينگار ڙي!
مٺيار ڙي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھونگھت هتائي جھومر ٽکائي،
چا چا ورونھون واپار ڙي!
مٺيار ڙي!

ٻانھون ڳچيءَ ۾ دانھون ڳچيءَ ۾،
ڪنمال پائي منٽار ڙي!
مٺيار ڙي!

هئي هئي سھيلين کيڏيون ڳھيلين!
هن جو ته سپ سان آ پيار ڙي!
مٺيار ڙي!

وڃٽو به آهي مڃٽو به ناهي،
ٽو واڳ واري هَسوار ڙي!
مٺيار ڙي!

اکڙيون نہ اڙجو پيءَ جاءِ جڙجو،
روئي نہ روکيو مٺيار ڙي!
مٺيار ڙي!

❑

(جھونجھار - سورمو - پھلوان)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرهو

(ڪرهو ٿر جو هڪ لوڪ گيت آهي، جو اُونٽ سفر ۾ ڳائيندا آهن، ڪرهو اوسيڙي ۾ وڇوڙي جو گيت آهي ۾ اُن جي هر بند جي پوئين ست هڙڪ هلو هو، ڏيمان هلو هو، (هوريان هلو، ڊيرو هلو) هوندي آهي، هن گيت جو ستاءِ ڪرهي جو نہ آهي پر ان ۾ ساءِ "ڪرهي" جو آهي.)

هڙڪ هلو هو، ڏيمان هلو هو

پنڌ پري هو،
ڪير ڪري هو،
وات آواڻي،
ڏيل ڏري هو،
پو بہ پريءَ جو پنڌ پلو هو،
هڙڪ هلو هو، ڏيمان هلو هو.

پار نہ پيرو،
ڍڳ نہ ديرو،
رات گهٽائين،
دور سويرو،
ڪر هلڙو ڙي جيءَ جهلو هو!
هڙڪ هلو هو، ڏيمان هلو هو.

سانولڙي جو،
ڳيچ ڇئو ڪو،
سانت بري آ،
سانت ڪيو ڇو؟
گونج اُپاري ڪا تہ گلو هو،
هڙڪ هلو هو، ڏيمان هلو هو.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو اياڻا دلڙيون نہ جوڙن.

پيجرا پکين جا،
ڳوڙها اکين جا،
سارون اُڏارون پرڙا پتوڙن،
ماڻهو اياڻا دلڙيون نہ جوڙن.

تاريون ٿوڪن،
ڊيلون نہ ڊوڙن،
سانوڻ جهڙيءَ جا سپنا نهوڙن،
ماڻهو اياڻا دلڙيون نہ جوڙن.

تارون ترن ٿا،
واڳو ورن ٿا،
ٿا ڪن ڪيڏا وانجهي وچوڙن!
ماڻهو اياڻا دلڙيون نہ جوڙن.

ڪنهن لاءِ ڳايان،
امرت وسايان؟
ٿا وهه نئينءَ لئہ واسينگ ووڙن،
ماڻهو اياڻا دلڙيون نہ جوڙن.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وايون

گهل ڏکن آڙي، نيٺ ٿا ننڊ ڪن!

گيت گونجارجي واءَ مان ٿا ورن،
نيٺ ٿا ننڊ ڪن!

جيءَ جا جهولٽا جهانءِ ۾ ٿا جهلن،
نيٺ ٿا ننڊ ڪن!

سانت جي سير ۾ ٿا تنبورا ترن،
نيٺ ٿا ننڊ ڪن!

چنڊ جا ناکٽا ناو مان ٿا ڏسن،
نيٺ ٿا ننڊ ڪن!

پٽ جهڙا پرين پار کان ٿا اچن،
نيٺ ٿا ننڊ ڪن!

راتڙيون جاڳندي جهپ آئي نہ تن،
نيٺ ٿا ننڊ ڪن!

گهل ڏکن آڙي، نيٺ ٿا ننڊ ڪن!
نيٺ ٿا ننڊ ڪن!

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوپا ويڇي، ڏار، پٽائي ڏوجهي پلي،
پاڻيءَ تڻون نہ پار، ارڙاتا ڪر اوتري.
(هڪ پارڪري لوڪ بيت)

❊

گرج گرج اي گونگي ڏرتي! پرجُ پرجُ پٽياڻي!
پرج گرج پٽياڻي!

پڄ پنيءَ جو برسيو آهي، ورهڻ رات وهاڻي،
پرجُ گرجُ پٽياڻي!

هر هر هل هلاچا تنهنجا، ور ور وڄ وراڻي،
پرج گرج پٽياڻي!

ڪارونجهر ۾ پئي پُڪاري، پل پل پريت پراڻي،
پرج گرج پٽياڻي!

ڏوپا ڏار نہ رهڻي آهي، آءٌ اُٿل ۾ پاڻي!
پرج گرج پٽياڻي!

پنهنجي اوليءَ ڪو بہ نہ اولو، سير انهيءَ جي ساڻي،
پرج گرج پٽياڻي!

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙو غيب شهود؟
سڀ ڪجهه تون ئي آهين!

چند به تنهنجي چاري ۾ آ، تڪي سڄ سجود،
سڀ ڪجهه تون ئي آهين!

ماڻهوءَ کان وڏ ڪوئي ناهي، ماڻهوءَ جو معبود،
سڀ ڪجهه تون ئي آهين!

آيو آهه عدم کي جهاڱي، تنهنجي لاءِ وجود،
سڀ ڪجهه تون ئي آهين!

تون ئي روزا صليب سجائين، تون ئي ان موعود،
سڀ ڪجهه تون ئي آهين!

تون ئي آهين پنهنجي منزل، تون ئي لامحدود،
سڀ ڪجهه تون ئي آهين!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڇ

ڪانگ لنوين، ڪانگ لنوين، ڪانگ لنوين وو،
آءُ پريين! آءُ پريين! سانگ ڪري ڪو،
ڪانگُ لنوين وو-

آءُ پريين! اُپ مٿان آهه لڳهه لس،
جاڻ ونو مينهن، ڏنو وڃ وراڪو،
ڪانگُ لنوين وو-

آءُ پريين! ڪٽڪ ڪيا سنگ سُنمَرا،
ڪيت ٿيا ڪاڻ، سڃو سون پري ٿو،
ڪانگُ لنوين وو-

آءُ پريين! واءُ وري ان اُجاريو،
مند مٿان مند اچي، تون نه اچين ڇو؟
ڪانگُ لنوين وو-

روز مٺي لات ڪري، مات ڪري من،
پک لهي لک ڏئي نينهن نياپو،
ڪانگُ لنوين وو-

هاءِ پريين! هاءِ پريين! دير ڪئي تو،
ڪانگ لنوين، ڪانگ لنوين، ڪانگ لنوين وو-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظم

ڪو سپنو سرجي اُپري ٿو،
هن تنبوري جي تارن مان.
تون چندرما جي ناو جهلي،
ٿي نڪرين دور سِتارن مان.
ڀ منهنجيءَ سيراندي‌ءَ پرسان،
هڪ ڦيري منهنجن وارن تي،
تون ڪوئي گيت ٻڌائين ٿي،
هن تنبوري جي تارن تي،
جو گيت امارو ڳوليو هو،
جو ڪالیداس نہ پاتو هو،
ڪلهه رات رويءَ سمپان جهلي،
جو گيت اڏورو ڳاتو هو،
اڄ مان سنڌوءَ جي ڪنڌي تي،
هر مانجهيءَ جو مونجهارو هان،
هر ڪوئي پڇي ٿو، "آٽين ٿو
هي لهرون لهرون گيت ڪٽان؟"
ان وقت ڏسان ٿو حيرت مان،
مان تنبوري جي تارن ۾،
ڀ ياد اڇن ٽيون آڱريون،
هو تنهنجون منهنجن وارن ۾.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(امير خسرو پاٽياريءَ کي)

"تنهنجو نالو؟" "ڪانتي."
"تنهنجو روپ آنوپ آ،"
"مون وٽ رنگ نه روپ آ،"

"سونهن وٽي مون سانوري،
تون چا ڇاٽين بانوري!
من منڊپ جي آگ آ،
تنهنجي ڪايا ڪانتي."

"منهنجو نالو ڪانتي،
منهنجو ويس بنارسي،
تنهنجي هولي پارسي،
منهنجي هولي پوربي،
ءِ مان پوڄان مورتي.
تنهنجو من گهنگهور، مان
چندرما جي شانتي."

"شترو سمجهه نه ڪانتي!
هي منهنجو به ته ديس آ،
مون به ته گيڙو ويس آ،
تنهنجي منهنجي گانوءِ،
پنهنجي پنهنجي ٿانوَءِ،
ساڳي جر جي اوت آ،
آءٌ ته هان ويدانتي."

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪالهه وڏو مون ڪوئي گل،
تنهنجي چوٽي ۾.

گل جي خوشبو چوٽي ۾،
يا چوٽي جي هئي گل ۾!
ڪهڙو گل هو، ياد نه آ،
هاڻي، مون کي هن هل ۾.

هاڻي جا زنجيرن جي،
روز پئي جهٽڪار اچي،
اُن ۾ تنهنجي چوٽي جي،
مون کي پيئي سار اچي.

ڪهڙو گل هو؟ ياد نه آ،
شايد ڪو رابيل هو!
يا چمپا هئي چوٽي ۾،
جنهن ۾ تيل ڦليل هيو!

مون کي اڄ ڪا ياد نه آ،
زندان جي ديوارن ۾،
اڏ مئي جي جاءِ ڪٿي،
ڪا به سڱندي سارن ۾!

ڪالهه وڏو مون ڪوئي گل،
تنهنجي چوٽي ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃو، ڪنويليو، وڃو!
وڃي پرينءَ کي چئو،
اڃا پيو جيئان،
اڃا پيو جيئان.

آجوڳُ هيءَ جات آ،
اُساڻ ئي اُسات آ،
ٻه چار پيرڙا ڪٽان،
تہ پن پن ٽي چٽان!
سنيهہ آ نہ سنگ آ،
نہ آس ۾ امنگ آ،
تڏهن بہ مارڏاڙ ۾،
اُجاڙ واڙ، واڙ ۾،
رڙهي رڙهي وڙهان پيو،
وڙهي وڙهي رڙهان پيو.

وڃو، ڪنويليو، وڃو!
وڃي پرينءَ کي چئو،
اڃا تہ هانو هيڪلو،
اوهان بگر ڪيو بلو،
اڃا پيو جِئان،
اڃا پيو جِيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن اُڀت مران تہ پو،
ٻہ چار لڙڪ هارجو،
ڪڏهن ڪڏهن تہ سارجو،
تہ ڪير ماڳ ۾ مئو!
جڏهن بہ سانوٽيون اچن،
چمر الوٽ ٿي نچن،
جڏهن بہ پٽ پٽ تي،
گهٽا گجي گجي وسي،
جڏهن بہ مور ٿور ۾،
ڏسو نہ ڪنهن بہ هور ۾،
جڏهن بہ روجهہ ريجهہ ۾،
ڏسو اهوجهہ ريجهہ ۾،
تڏهن نہ هي وسارجو،
تہ ڪير سچ ۾ ستو!
اجا تہ جاڳ ٿي جلي،
اجا تہ ويڙهہ ٿي هلي،
اجا تہ گهاوَ تاوَ ۾،
لهو لهو لڳاوَ ۾،
رڙهي رڙهي وڙهن پيا،
وڙهي وڙهي رڙهن پيا،
اجا ٿيون نہ ماٽڪيون،
اُجاتريون، اُباٽڪيون،
اجا گهڙي پني نہ آ،
اجا تہ رات ٿي نہ آ.
اجا پيو جِئان،
اجا پيو جِئان.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيروشيما

هي ڪير ڪڙو آ ڪُنهيءَ تي؟
حيران هوا ۾ ٽهڪ ڏئي،
ٽوهيٺ، نهاري ڏرتيءَ تي!

هيءَ ڪنهن جي آگ لڳي جر ۾،
جو پنهنجي پنهنجي موتيءَ سان،
هر سپ سڙي وئي ساگر ۾!

ڪنهن مرڪ پريءَ ميءِ نوشيءَ ۾،
مان تنهنجي هان، مان تنهنجو هان.
ٽي رات چيو سرگوشيءَ ۾.

اڄ تن جي هيڄ ڪٽي آهي؟
جت پاسا پيار ورايا ها،
سا سرهي سيج ڪٽي آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن چيو هو، پيار امر آهي،
پي هر شيءِ اچڻي وڃڻي آ،
اڄ جرم ڪجهه به امر ناهي.

اڄ تو ۾ تنهنجي موتيءَ سان،
ڪا سرهي سپ سڙي وئي آ،
تو جيءُ نه آهين جوتيءَ سان.

ءِ منهنجي پيار وڃائي آ،
پنهنجي هر آس امرتا جي،
هيءَ تنهنجي منهنجي ڪائي آ.

هي ڪير ڪڙو آ ڪنيءَ تي؟
هي تون آهين، هي مان آهيان،
جن امن نه آندو ڏرتيءَ تي.

ها، هيءَ اسان جي ڪائي آ،
اِن اوچيءَ ڪائيءَ کي گڏجي،
چا، تو مان آگ لڳائي آ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو اڳهه پچين ٿو امر!
منهنجا گيت ڳڻي سگهندين تون؟

هت متان ڇا هُل ٽيو آ!
هرڪو موتيءَ مُل ٽيو آ.
ڪيڏي پيهه لڳي پئي آهي!
گپا گيهه لڳي پئي آهي!
ڪيڏو پاڻ چڙهي ويو آهي!
هرڪو گيت پڙهي ويو آهي،
تنهنجا ڏک پري ويو آهي،
پهه پهه ڪ پري ويو آهي،
ڪنهن ساڃهه کي سيڪ نه آهي،
آهي رک وويڪ نه آهي،
ڏات پريءَ بازار وڪاڻي،
مان به ته هڪ وڻجارو آهيان،
پر مان سچ کان نيارو آهيان،
گيت اندر جا گونجي آهي،
سا شيءِ منهنجي پونجي آهي،
مِل مان جو مزدور اچي ٿو،
هَڙ هٽندي جيڪو ٽڪجي ٿو،
جو توسان سينو ساهي،
پير ڪڙين ۾ آيو آهي،
تنهن سان گيت ورهايان ٻيٽو!
چوواڻي تي ڳايان ٻيٽو!
جنهن وٽ ڪوئي لڙڪ ڏڙو آ،
تنهن منهنجو هر گيت ڳڏو آ.

تو وٽ لڙڪ ڪٽي ڪو امر!
منهنجا گيت ڳڻي سگهندين تون؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر ڪنهن سان قانون ڏسي،
مون انصاف ڪيو آهي،
ڪنهن کي ڦاهي چاڙهيو آ،
ڪنهن کي معاف ڪيو آهي،
ساري عمر حڪومت لئ،
رستو صاف ڪيو آهي.

ها، پر ڪلهه هو شاعر، جو،
پير ڪڙين ۾ آيو هو،
وڏ ڦڙي جئن وائيءَ ۾،
چا هن سوز سمايو هو!
بادل پرجي آيا ها،
منهنجو من گمپرايو هو.

سرڪاري ڏر جي چوٽيءَ،
هو ڪو ديس دروهي هو،
اختياريءَ جو باغي هو،
اوندهه لاءِ اڏوهي هو،
پاڪ، ڦٽيءَ جو ڪانڪي هو،
ڏوهي هو، هو ڏوهي هو.

اختياريءَ جي ٽنيپي تي،
مان به ته ڪائي ٽوٽي هان،
اوندهه لاءِ اڏاوت ۾،
سپ کان سگهه چئوٽي هان،
هونءَ ته پوتر پاٽي هان،
هونءَ ته ڪومل ڪوئي هان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچ آ، ڪنهن بہ بغاوت کان،
باغي گيت برو آهي،
اونداهيءَ جي راکي جي،
چاتيءَ منجهہ چرو آهي.
پر جو هن جو ساکي هو،
سو ڪو ڪن ڪُرو آهي!

هن ڪئن اهڙي ساک ڪنئي،
گيت چگو آ هر شيءِ کان،
قيءَ جهڙو قانون اهو،
ڪيئن جهليندو هن سيءِ کان!
ڏس، هر ڪنهن جي وردي ۾،
لونءَ ڪنبي تي اڄ ليءِ کان.

مون شاعر ۽ ساکيءَ کي،
اهڙي ٽيپ ڏني آهي،
سارو ديس رنو آهي،
ساري قوم ڏني آهي،
ڪويل ڪنڌ چگو ناهي،
ان ۾ ٻيج ٻيني آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو جا ڳالهه به سوچي آهي،
حرم سرا جي نوچي آهي،
باهر پڙڪ نه ٿي اچڻي آ،
تنهنجي پهري ۾ پچڻي آ،
خواجه سرا جئن وينو آهين،
وينو ناهه نڳيءَ جا ناهين.
مون جا ڳالهه به ماڻي آهي،
سا جهانسيءَ جي راڻي آهي،
جنهن جي تيز ڪٽاري آهي،
وار اُنهيءَ جو ڪاري آهي،
ڀ ان لڙ ميدان به آهي،
جندڙيءَ جو جولان به آهي،
جيءُ اُنهيءَ جو جوکي ۾ آ،
پر جا گيت انوکي ۾ آ،
سا ته بغاوت سرٽي ناهي.
تو جا ڳالهه به سوچي آهي،
سا جي ڪتجي مرٽي ناهي،
گهتجي گهتجي مرٽي آهي،
تون به وطن جو شاعر آهين،
مون جئن گيت نه ٿو پر ناهين،
منهنجو سچ به ساڃاهين ٿو،
پوءِ به هر ڪنهن سان باهين ٿو،
هي پٿر سان سر ماري ٿو،
ڪهڙيءَ دنيا ۾ گهاري ٿو!

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُـونءَ وڏيـرو هـل ڙي!
ڏاڍي جو ڏڪار، تہ هن جي جهرڪيءَ جهڙي دل ڙي!

هـون وڏيـرو نـانـگ ڙي!
بگڙي جو سرڪار، تہ هن جو ساپي وارو سانگ ڙي!

هـونءَ وڏيـرو واچ ڙي!
بود اچي پوتار، تہ سمجهو هن کي ڪرسيءَ آچ ڙي!

هـونءَ وڏيـرو ڏپ ڙي!
ڪٿن نہ ڪچهريءَ ۾ ايندو آ لائي سُرهي لپ ڙي!

ماڪ تہ هن جي هونءَ ڙي!
سوين سُريتيون ڏاري، ها پر جوءِ تہ هن جي جونءَ ڙي!

پنهنجي ريتي راند ڙي!
لال جهنڊي جي اڳتان ڏاڍو مچري ٿو هو ڏاند ڙي!
پنهنجي ريتي راند ڙي!
چـو تـہ وڏيـرو ڏانـد ڙي!

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چا تن ۾ ات اُڪير هئي،
جي دوها ڪالهه ڪبير چيا!
هنن رام رحيم ۾ئي گهٽ تي،
ڪنهن نام مٿان ٽي گهور ڪيا،
هن مڌ ماتي جو متو هو،
جن پيار ڪيو، سي پيار پيا.

ڪي دليءَ ۾ درويش هيا،
تن جي به ته ساڃي وائي هئي،
ءِ گور ڪناڻ گُفا ۾ ڪلهه،
جا پنهنجي جوت جلائي هئي،
سا جوت پائيءَ سنڌوءَ تي،
ڪنهن ڏيئي ۾ ٽمڪائي هئي.

اڄ آءٌ پٽائيءَ جو پيدي،
تنهن پيار مٿان پل ناهيان ٽو،
جنهن وقت لهوءَ جي دريا تي،
مان هيٺ ڏسي گهبرايان ٽو،
تنهن وقت پنواڻيءَ ڪي پنهنجي،
ڪنهن پٽ جهٽ سان بهلايان ٽو.

ان پٽ جهٽ ۾ هن ڌرتيءَ جي،
ڪا صدين جي سنگيت به آ،
نہ اُن ۾ آهه ڏڪار اها،
جا هار به آ ءِ جيت به آ،
ءِ اُن ۾ آهي پيار اهو
جو پيار به آ پريت به آ.

پو آءٌ ڪُلهي تي هاريءَ جي،
ٽو پنهنجا هيٺا هٿ رکان،
ءِ ڪوڏر جا مزدور جهلي،
ٽو تنهن ۾ پنهنجي سگهه ڏسان،
جي دوها ڪالهه ڪبير چيا،
ٽو چيري پنهنجو هانءُ چوان.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئون نسل

نٿهڻ اُس، وهاڻيل ويرا،
ارهڙ جا آڙاهه هوا ۾،
رتو رت پراهان پيرا،
ات اجايل ساهه هوا ۾.

هن پٽرائين ۽ چپ ۾ ڪنهن کي،
جهوراٽي جي جهان ۽ نه گهرجي،
تنهنجو گيت ڪويرو آهي،
۽ جي سچ چوان ۽، نه گهرجي.

سر سر ۾ سنداڻ وجي ٿي،
لوهه رجي اڄ رڪ ٿيو آ،
وک پٽيان ۾ وک کڄي ٿي،
ها پر اڳتي پنڌ پيو آ.

گيت اُهو جو وک وڌائي،
اُن جو سنگ سجايو آهي،
جاننا جيءَ ڇڏي جو گهائي،
اهڙو گيت اجايو آهي.

تنهنجي ليءَ ڪهڪاوَ ڪُنل آ،
تنهنجا قومي گيت نه گهرجن،
نسل نئون فولاد مثل آ،
ان کي مومي گيت نه گهرجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ديس مهانُ، سنڌ ديس مهانُ،
لاڙ، وچولو، اُتر،
ڪچ، ڪراچي بندر،
هيڏو سارو جر ٿر!
ڪيڏو ڪوهستان!
سنڌ ديس مهانُ.

جيءُ جيءُ ان داتا!
تنهنجا سڏ سڃاتا،
آزاديءَ لئے آتا،
تو تي سڀ قربان،
سنڌ ديس مهان.

ستر لک سپوتو!
هوشو، هيمو بڪجو،
هرڪو جهڙو دودو،
دولهه دريا خان،
سنڌ ديس مهان.

سچل ساميءَ پارا،
ڪيئي جيءُ جيارا،
آڏيءَ رات اُمارا،
پٽ ڏٽيءَ جو يان،
سنڌ ديس مهان.

پيڙو آهه پنير ڪو،
جر جراتو جرڪو!
آجو ٽيندو هرڪو،
هر مزدور ڪسان،
سنڌ ديس مهان، سنڌ ديس مهان.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن به سنڌي ادب ۾ مزاحمتي ادب جي تاريخ تحرير ڪئي ويندي ته ان ۾ شيخ ايياز جو نالو سر فهرست هوندو. 1955ع ۾ سنڌ تي ون يونٽ جا قهر ۽ ڪوٽ اڏيا ويا هئا، ملڪ تي صدر ايوب خان ۽ گونر اولهه پاڪستان ملڪ امير محمد خان جو راج. سنڌ جو نالو وٺن به جڏ ڪاريهر تي پير پوڻ جي برابر هو. ڪراچي 1948ع سنڌ کان ڌار ڪيل. باقي سنڌ حيدرآباد ۽ خيرپور ڊويزن تي مشتمل ۽ جن جا ڊبنگ ڪمشنر سيد دربار علي شاه ۽ مسرور حسن خان. اسمبلي جا سنڌي ميمبر وري هوندا هئا سرڪار جي خوش دلي ۽ انهن کي شيل شڪار ڪرائڻ ۾ مشغول. سائين جي ايم سيد سن ۾ پنهنجي گهر ۾ نظربند. ساري سنڌ ۾ مات چانيل. اهڙي دور ۾ فقط شيخ ايياز جي انقلابي شاعري، سنڌ جي دلين ۾ جوش، ولوولو ۽ جذبو جاڳائي رهي هئي. انقلابي شاعري، جي عيوض شيخ ايياز کي پهريون پيرو سيٽمبر 1965ع ۾ سکر جيل ۾ ٽي مهينا نظربند ڪيو ويو. جڏهن ته سندس ٽي ڪتاب "پوئنريري آڪاس" "ڪلهي پاتم ڪينرو" ۽ جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي سرڪار ضبط ڪري چڏيا هئا. اردو اخبارون توڙي سنڌي اخبارون حڪومت جا راڳ ڳائيندڙ هيون ۽ قومي اسمبلي توڙي صوبائي اسيمبلي جا سنڌي ميمبر سنڌ لاءِ ڪوئي اکر به ڳالهائڻ لاءِ تيار ڪونه هئا. اهڙي وقت ۾ محترم حميد سنڌي جي مخزن "روح رهاڻ" ئي سنڌ جي حقن لاءِ آواز بلند ڪرڻ سان گفتگو وڌي رهي هئي، شيخ ايياز جي انقلابي شاعري شايع ڪري هڪ تاريخي ڪردار پئي نياپو. روح رهاڻ جا سالياڻا جشن سنڌ جي قومي تحريڪ جا جلسا هئا، جنهن ۾ شيخ ايياز جي انقلابي شاعري ڪنن سان ٻڌي ۽ پڙهي سين. حيدرآباد جي بسنت هال ۾ "شيخ ايياز جو نظم" مان توکي گيت ڏيان اي ڌرتي، تون مون تي زنجيرون وجهين. مون توکي چا چا گيت ڏنا ۽ سندرتا جاميٽ ڏنام، اچا به ڪنن ۾ گونجي رهيو آهي، ان ئي دور ۾ روح رهاڻ پبليڪشن ايياز جا به ننڍڙا مجموعا "جل جل مشعل جل..." ۽ رت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي شايع ٿيا هئا. شيخ ايياز جي ٻنهي مجموعن، جيڪي ڊبل ڪرائون سائيز ۾ ڇپيل هئا، تن جا وٺندڙ ۽ موهيندڙ ٽائيٽل اچا به اکين اڳيان پيا ڦرن. ايياز جي شاعري، جي مجموعي "رت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي" کي ٻيهر شايع ڪري اسان جي دوست غلام مصطفي سولنگي سٺي روايت وڌي آهي، جنهن لاءِ هو يقينن جس لهڻي.

مدد علي سنڌي
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڑھندڙ نَسُل ۔ پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دور جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، بَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، پاڙي، ڪاڦُو، پاڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "**پڑھندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑھندڙ نسل کي وَڏَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑهندڙ نسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن کو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن کو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَـنَ ساوا، گاڙهو، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڑهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَـنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَـٻئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَڻُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَـن پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن کو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ يلي ڪمائي، رُڳو پَـنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پڑهندڙ نَسُل ۔ پ ن The Reading Generation

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٽائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہ جِڙ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہ جِڙ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڙَ ۾ رات ڪيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَـنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَـنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهـڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪيِ پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ".

ـ ايار (ڪلهي پاتم ڪينرو)

پَڙهندڙ نَسُل ـ پ ن The Reading Generation

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي پوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پٽ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو ته تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي پوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي پوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ نايابورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آساني سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو سات نيائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book